# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1999

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1999

# سنڌ شهري غير منقوله ملڪيت ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1999

# THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1999

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1958 جي سنڌ ايڪٽ ۾ دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act of 1958

3. ذيلي دفعہ (2_A) کانپوءِ نئين ذيلي دفعہ جو اضافو

Insertion of new Sub Section after section (2_A)

4. ذيلي دفعہ (4) کي ختم ڪرڻ

Omission of Sub Section (4)

5. دفعہ 4 جي شق (f) جي تبديلي

Substitution of clause (f) of section 4

6. دفعہ 5_A کانپوءِ نئين دفعہ جو اضافو

Addition of new section after section 5_A

7. دفعہ 7_C کانپوءِ نئين دفعہ جو اضافو

Addition of Section after Section 7_C

.8 دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ تبديلي

Substitution in Sub Section (2) of Section 8

.9 دفعہ 16 جي ذيلي دفعہ (4) کانپوءِ اضافو

Addition after Sub Section (4) of Section 16

.10 دفعہ 23 جي ذيلي دفعہ (4) کي ختم ڪرڻ

Omission of Sub Section (4) of the Section 23

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1999

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1999

# سنڌ شهري غير منقولہ ملڪيت ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 1999

# THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1999

[27 مارچ 1999]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ شهري غير منقولہ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ شهري غير منقولہ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ سنڌ اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن تحت سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ شهري غير منقولہ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ (ترميم) آرڊيننس، 1999

Short title and commencement

سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1958 جي سنڌ ايڪٽ ۾ دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act of 1958

2. سنڌ شهري غير منقوله ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 جي شق (e) ۾ انگ "1958" کانپوءِ لفظن "۽ ڪو شخص جنهن جي سلسلي ۾ هن ايڪٽ تحت ٽيڪس لڳائڻ ۽ ادائگي لاءِ ڪارروائي ٿي آهي" کي شامل ڪيو ويندو.

ذيلي دفعہ (2_A) کانپوءِ نئين ذيلي دفعہ جو اضافو

Insertion of new Sub Section after section (2_A)

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 3 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (2_A) کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

"(2B). جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (2) جي گنجائشن جي متضاد نہ هجي دفعہ 7 تحت نئين اگهن واري فهرست لاڳو ٿيڻ تي، حڪومت عمارتن ۽ زمينن جي ساليانی ملهہ تي ٽيڪس وصول ڪري، لڳائي ۽ جمع ڪري سگهي ٿي، جيڪا ملهہ جي پنج سيڪڙو کان وڌيڪ نہ هوندي، جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيو وڃي.

ذيلي دفعہ (4) کي ختم ڪرڻ

Omission of Sub Section (4)

(ii) ذيلي دفعہ (4) کي ختم ڪيو ويندو.

دفعہ 4 جي شق (f) جي تبديلي

Substitution of

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 4 جي شق (f) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(f). مسجدن، گرجا گهرن، ڪنيسائن، مندرن، ڌرمشالائن،

clause (f) of section 4

گردوارن، پيئڻ جي پاڻي جي آبشارن، قبرستانن يا شمشان گهاٽ يا مردن لاءِ ڄاڻايل هنڌن لاءِ استعمال ٿيندڙ عمارتون ۽ زمينون يا انهن جو حصہ.”

دفعہ 5_A کانپوءِ نئين دفعہ جو اضافو
Addition of new section after section 5_A

5. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 5 کانپوءِ هيٺيون نئون دفعہ 5_A شامل ڪيو ويندو:

“5_A. ساليانو ملهہ طئي ڪرڻ لاءِ اگهن جون ملهہ ڪٿڻ واريون ٽيبلس.

جيستائين ڪجهہ دفعہ 5 جي گنجائشن جي متضاد نہ هجي، اهڙي اگهن جي ٽيبلس جي بنياد تي ساليانو ملهہ طئي ڪري سگهجي ٿو ۽ اهڙن علائقن جي لاءِ جيئن ڪنهن اختياريءَ طرفان يا حڪومت طرفان ڄاڻايو ويو هجي.”.

دفعہ 7_C کانپوءِ نئين دفعہ جو اضافو
Addition of Section after Section 7_C

6. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 7_C کانپوءِ، هيٺيون نئون دفہ شامل ڪيو ويندو:

“7_CC. جتي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (2_B) تحت ٽيڪس لڳائي ۽ جمع ڪئي وئي آهي، اتي ڪا بہ بهتري جي ٽيڪس، سرچارج يا اضافي چارج لڳائي يا جمع ڪئي نہ ويندي.”.

دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ تبديلي
Substitution in Sub Section (2) of Section 8

7. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظ “ڪمشنر” لاءِ لفظ “ڊائريڪٽر جنرل” ڪي متبادل بڻايو ويندو.

دفعہ 16 جي ذيلي دفعہ (4) کانپوءِ اضافو
Addition after

8. ڄاڻايل ايڪٽ ۾ دفعہ 16 ۾، ذيلي دفعہ (4) کانپوءِ، هيٺين ريت نيئن دفعہ شامل ڪئي ويندي:

“(5). جيستائين ڪجهہ ڪنهن قانون جي متضاد نہ هجي،

| | |
|---|---|
| هن ايڪٽ تحت ٽيڪس جي مد ۾ ڪا رقم اوڳاٽي آهي يا ڪو ڏنڊ مڙهيو آهي، جيڪا اوڳاڙيل ناهي، اها لينڊ روينيو جي رهتن طور اوڳاڙي لائق هوندي.” | Sub Section (4) of Section 16 |
| 9. چاٽايل ايڪٽ جي دفعه 23 ۾ ذيلي دفعه (4) کي ختم ڪيو ويندو. | دفعه 23 جي ذيلي دفعه (4) کي ختم ڪرڻ Omission of Sub Section (4) of the Section 23 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**